SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر III، 1973

# SINDH ACT NO. III OF 1973

# اولهه پاڪستان ضروري خدمتون (انتظام) (سنڌ ترميم) ايڪٽ، 1973

# THE WEST PAKISTAN ESSENTIAL SERVICES (MAINTENANCE) (SINDH AMENDMENT) ACT, 1973

## (CONTENTS) فهرست

تمهيد (PREAMBLE)

1. مختصر عنوان ۽ نفاذ

SHORT TITLE AND COMMENCEMENT.

2. اولهه پاڪستان ايڪٽ (XXXIV)، 1958ع جي دفعه 3 ۾ ترميم

AMENDMENT OD SECTION 3 OF WEST PAKISTAN ACT XXXIV 1958.

3. سنڌ آرڊيننس (I)، 1973 جي منسوخي

REPEAL OF SINDH ORDINANCE I OF 1973.

## سنڌ ايڪٽ نمبر III مجريه 1973

## SINDH ACT NO. III OF 1973

# اولهه پاڪستان ضروري خدمتون (انتظام) (سنڌ ترميم) ايڪٽ، 1973
# THE WEST PAKISTAN ESSENTIAL SERVICES (MAINTENANCE) (SINDH AMENDMENT) ACT, 1973

28 جون 1973

اولهه پاڪستان ضروري خدمتون (انتظام) ايڪٽ سال 1958 ۾ تبديلي آڻي ۽ ان جي صوبي سنڌ ۾ نافذ ڪرڻ هڪ ايڪٽ

تمهيد (PREAMBLE)

جيئن ته اهو ضروري سمجهيو ويو آهي ته اولهه پاڪستان ضروري خدمتون (انتظام) ايڪٽ، 1958 ۾ تبديليون آنديون وڃن ته جيئن ان کي صوبي سنڌ ۾ هيٺين ريت نافذ ڪيو وڃي.

مختصر عنوان ۽ نفاذ SHORT TITLE AND COMMENCEMENT.

1. (1) هي ايڪٽ اولهه پاڪستان ضروري خدمتون (انتظام) (سنڌ ترميم) ايڪٽ، 1973 ( THE WEST PAKISTAN ESSENTIAL SERVICES (MAINTENANCE) (SINDH AMENDMENT) ACT, 1973 )سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي نافذ العمل ٿيندو.

اولهه پاڪستان ايڪٽ (XXXIV)، 1958ع جي دفعه 3 ۾ ترميم

2. (1) اولهه پاڪستان ضروري خدمتون (انتظام) ايڪٽ، 1958، کي صوبي سنڌ ۾ نافذ ڪرڻ لاءِ دفعه 3 کي ذيلي دفعه (1) شمار ڪبو ان کانپوءِ هيٺ ڏنل ذيلي دفعه جو اضافو ڪيو ويندو.

”(2) حڪومت، سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي خودمختيار تعليمي اداري بشمول يونيورسٽي، ثانوي ۽ اعليٰ ثانوي تعليم جي اداري، فني تعليم جي اداري تي هي ايڪٽ يا ان جو حصو لاڳو ڪري سگهي ٿي.“

سنڌ آرڊيننس (I)، 1973 جي منسوخي REPEAL OF SINDH ORDINANCE I OF 1973.

3. ضروري خدمتون (انتظام) (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1973 کي مسوخ ڪيو وڃي ٿو.

نوٽ:- ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.